# مُکيه خلاصو

سنڌ ۾ 2022ع دوران چوماسي جي شديد وسڪارن جي نتيجي ۾ ٻوڏ آئي. اُنهي ٻوڏ جي تباهي گذر سفر جي وسيلن، غذائي تحفظ، بنيادي سهولتن، بنيادي ضرورت جي شين، بنيادي ڍانچي، انساني حفاظت ۽ صنفي برابري کي شديد نقصان پهچايو آهي، جڏهن ته سماجي ۽ اقتصادي عدم استحڪام ۾ اضافو ڪندي وسيلن، خاص ڪري سماجي ۽ معاشي عدم ساتحڪام ٻٽائڻ سان گڏ ريسڪيو سسٽم جي وسيلن تي تڪرارن جنم ورتو آهي. سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ 900 ملي ميٽر کان وڌيڪ برسات رڪارڊ ڪئي وئي، سنڌو درياهه ۾ برساتي پاڻي چوڙ ڪندڙ کيرٿر جي پهاڙن تي گجگوڙ سان برسات جي ڪري درياهي پاڻي جي وهڪرن ۾ 0.6 ملين ڪيوسڪ کان وڌيڪ اضافو ٿيو. کيرٿر جابلو پٽي تان برساتي پاڻي جي آمد جي ڪري ڪوٽڙي بئراج تي سنڌو درياهه ۾ مٿانهين درجي جي ٻوڏ آئي. ٻن مهينن جي وسڪارن ۽ سنڌوءَ جي ٻوڏ انساني زندگين، چوپائي مال، فصلن، گهرن، نجي عمارتن ۽ صنعتن کي سخت نقصان رسايو. پاڪستان ۾ 2022ع جي ٻوڏ دوران سنڌ صوبو تمام گهڻو متاثر ٿيو. اها ٻوڏ هڪ هزار کان وڌيڪ انساني زندگيون لوڙهي وئي ۽ هڪ ڪروڙ 20 لک کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا، جيڪو پنج ڪروڙ آبادي جو چوٿون حصو آهي. هڪ اندازي موجب اٽڪل 15 لک گهر تباهه ٿيا ۽ 6 لک گهرن کي جزوي نقصان پهتو. ان کانسواءِ 15 لک ايڪڙ تي بيٺل فصل به ٻوڏ ۾ لُڙهي وئي.

تجويز ڪيل منصوبو سنڌ فلڊ ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (SFERP) تحت ريسڪيو سروس (1122) جي خدمتن کي سنڌ جي وڌيڪ چئن ضلعن تائين وڌايو ويندو، جِن ۾ نوشهروفيروز، عمرڪوٽ، سانگهڙ ۽ شڪارپور ضلعو شامل آهن. ريسڪيو 1122 جي ضلعي سطح تي اسٽيشنز جو قيام قدرتي آفتن جي تباهي توڙي هنگامي حالتن ۾ حفاظتي انتظامن لاءِ بنيادي جُز آهي. ريسڪيو اسٽيشنز هنگامي حالتن توڙي ٻوڏ دوران امدادي ڪارروائين کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ اهم مرڪز طور خدمتون مهيا ڪنديون. انهن اسٽيشنز ۾ مرڪزي عمارت، لاڳاپيل سهولتون، ريسڪيو مشينري ۽ گاڏينجا پارڪنگ شيڊز، عملي ۽ آفيسرز لاءِ ڪوارٽرز جي اڏاوت شامل آهي، ته جيئن بحراني حالتن ۾ اُنهن جي فعاليت کي يقيني بڻايو وڃي.

سنڌ جي ضلعن نوشهروفيروز، عمرڪوٽ، سانگهڙ ۽ شڪارپور ۾ 4 ايمرجنسي ريسڪيو اسٽيشنز جي قيام جي حوالي سان ذيلي منصوبن سان ڪجهه معمولي قسم جا اثر پوندا، پر اُهي ٿوري وقت لاءِ هوندا، جِن تي سولائي سان ضابطو آڻي سگهجي ٿو. تنهنڪري هي ذيلي منصوبو ايس ايف اي آر پي جي سماجي ۽ ماحولياتي انتظامن واري فريم ورڪ ۾ وچولي درجي جي خطرن واري ڪيٽيگري ۾ اچي ٿو. ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي فريم ورڪ (ESMF) کي اهڙي طريقي سان تيار ڪيو ويو آهي، جو اهڙن جزوي ۽ وچولي درجي جي اثرن کي گهٽائي سگهجي. تجويز ڪيل ذيلي منصوبي لاءِ مخصوص ڪيل زمين سرڪاري ملڪيت آهي ۽ اُن لاءِ ڪنهن به نجي زمين جي ضرورت نه هوندي. تجويز ڪيل ذيلي منصوبي جي اڏاوت توڙي ترقي طئه ٿيل علائقي اندر رهندي. تجويز ڪيل ذيلي منصوبي جي علائقن ۾ ڪابه انساني چرپر، عوامي سهولتن جي بنيادي ڍانچو يا ڪاروباري سرگرميون نه آهن. اُن کانسواءِ، ذيلي منصوبي جي اسڪريننگ ماحولياتي ۽ معاشرتي مسئلن جو ڪاٿو ڪندي چيڪ لسٽ وسيلي انجام ڏني وئي. انفرادي چيڪ لسٽ پرڻ لاءِ ڏار سروي ڪئي وئي. ذيلي منصوبي جي علائقن ۾ اٽڪل 500 ميٽرز تائين ڪٿي به آڳاٽا آثار يا ماحولياتي لحاظ سان ڪمزور جايون نه ڏٺيون ويون آهن، نه ئي وري ذيلي منصوبي جي علائقي يا اُن جي پرپاسي طبعي توري يا ثقافتي وسيلا موجود نه آهن، جِن جي اڏاوتي سرگرمين جي صورت ۾ متاثر ٿيڻ جو خدشو هجي. اڏاوتي مرحلي دوران ڪجهه سماجي طور حساس جاين ۽ ذريعن، جهڙوڪ مسجد، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز ۽ قبرستان وغيره ڪنهن حد تائين متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي، جڏهن ته اهي اثر عارضي ۽ ضابطي جوڳا آهن، جِن کي اثر گهٽائڻ جي اپائن وسيلي ٿوري ئي عرصي ۾ ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو.

ذيلي منصوبي واري جاءِ نيم شهري علائقي ۾ اچي ٿي، جتي آبادي محدود آهي ۽ جانور، وڻ، ٻوٽن توڙي ميون جي ڪجهه جنسن لاءِ محفوظ پناهگاهه جيان آهي. ذيلي منصوبي جي علائقي ۾ آبادي وڌي آهي، انڪري جنگلي جيوت گهٽجي وئي آهي. پکين ۾ ڳيرو، ڪارو ۽ پورو تتر، ڪوئل، طوطو-چتون، ڪاٺ ڪُٽو، بلبل، هيڙهو، ٻاپيهو، ننڍو ٽڪلو، رڻ تُوتي، جهرڪي، ڪبر، ٻگهه، ڪُڪي، ڪبوتر، پليو، سرڻ ۽ ڪانوَ شامل آهن.

پيشيوراڻي صحت، حفاظت ۽ امڪاني طور ناڪاري اثر گهٽائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا ويندا، جن ۾ گاڏين۽ مشينري جي باقاعدگي سان جاچ پڙتال ۽ سار سنڀال، ڳري مشينري جو آواز گهٽائڻ لاءِ مفلر، ڪچن رستن تي پاڻي جو ڇٽڪار ۽ هنگامي حالتن ۾ ترت امداد شامل آهن، جڏهن ته افرادي قوت ۽ مقامي آبادين ۾ آگاهي آڻڻ ڄاڻايل اپائن جو حصو آهن. اڏاوتي ملبي يا گندڪچري کي ترت نيڪالي لڳائڻ ۽ مناسب بندوبست وسيلي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو، پاڻي جي گدلاڻ کي مناسب طور ذخيرو ڪرڻ ۽ استعمال ٿيل تيل کي نيڪالي لڳائڻ سميت اڏاوت واري جاءِ تي گندي پاڻي کي صاف ڪرڻ وسيلي اُن کي ڪنٽرول ڪري سگهبو. گندڪچري کي صحت جي سارسنڀال طور مناسب طريقي سان گڏ ۽ نيڪال ڪرڻ جا به ذريعا باقاعدگي سان ڪتب آڻي سگهجن ٿا.

ماحولياتي ۽ سماجي نگراني دوران عالمي بينڪ پاران تيار ڪيل ماحولياتي ۽ سماجي فريم ورڪ 2018 ۽ سيپا ايڪٽ 2014 ۾ بيان ڪيل اصولن تي عمل ڪيو ويندو ، ته جيئن ايس ايف اي آر پي جي ماحولياتي معيار جي تجزيي، ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي فريم ورڪ، ايس ايف اي آر پي لاءِ تيار ڪيل ليبر مينجمينٽ جو طريقيڪار ۽ اسٽيڪ هولڊرز اينگيجمينٽ پلان (ايس اي پي) جي قائدن ۽ ضابطن تي عمل ڪري سگهجي، ان جو مقصد اثر گهٽائڻ جي منصوبن تي اثرائتي نموني ۽ باقاعدگي سان عمل يقيني بڻائڻ آهي. نگراني جو عمل ٽن مرحلن تي ٻڌل هوندو، سڀ کان پهرين پراجيڪٽ ايمپلي مينٽيشن (پي آءِ يو) جي سطح تي ماحولياتي ۽ سماجي ماهر حفاظتي نگراني ڪندا، جڏهن ته باقاعدگي سان فليڊ وزٽ ذريعي اثر گهٽائڻ وارن منصوبن تي مناسب عملدرآمد کي يقيني بڻائيندا. ٻئي مرحلي ۾ فيلڊ جي سطح تي لاڳاپيل ڪنسٽرڪشن سپر ويجن ڪنسلٽنٽ (سي ايس سي) جو عملو باقاعدگي سان حفاظتي نگراني ڪندو. آخر ۾ ٺيڪيدار جي ماحولياتي ۽ سماجي ٽيم جي ذميواري هوندي ته اثر گهٽائڻ جي منصوبن تي عملدرآمد يقيني بڻائي، جڏهن ته ماهوار ٽه ماهي ۽ سال ۾ 2 رپورٽس تيار ڪرڻ به اُنهي ٽيم جي ذميوارين ۾ شامل آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي انتطامن جي منصوبي (ESMP) تي بهتر نموني عمل ڪرائڻ لاءِ 7.933 ملين رپيا رکيا ويا آهن، ان بجيٽ کي اي ايس ايم پي بل ۽ بل آف ڪوانٽٽيز (BQQ) ۾ عارضي رقم جي طور تي شامل ڪيو ويو آهي. اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ اڏاوتي ٺيڪيدار (CC)، ڪنسٽرڪشن سپرويزن ڪنسلٽنٽ (CSC) ۽ پراجيڪٽ امپلي مينٽيشن يونٽ (PIU) وچ ۾ رابطه ڪاري توڙي سهڪار جي ضرورت آهي. اي ايس ايم پي ۾ بيان ڪيل اپائن تي عمل يقيني بڻائڻ لاءِ تعميراتي ٺيڪيدار بنيادي ذميواري رکي ٿو، جنهن کي معاهدي جي دستاويزن ۾ شامل ڪيو ويندو. ان جي نتيجي ۾ معاهدي جي دستاويزن جي اندر بي او ڪيو ۾ ماحولياتي اثر گهٽائڻ جي خرچن لاءِ ڌار درجه بندي شامل ڪرڻ ضروري آهي.

بهرحال جيڪڏهن ٺيڪيدار ۽ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي منصوبن تي عملدرآمد ۽ اڳڀرائي رپورٽ مناسب طريقي سان تيار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو ته ڄاڻايل معاهدي جا شرط لاڳو ٿيندا، جنهن ۾ اي ايس ايم پي ۽ ورلڊ بينڪ جي ماحولياتي ۽ سماجي فريم ورڪ (اي ايس ايف) 2018 تيعملدرآمد به شامل آهي. اي ايس ايم پي جي ٻڌايل سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اثرائتو بڻائڻ لاءِ اها تجويز آهي ته اي ايس ايم پي تي واجب سمورن بلن ۽ ادائگين کي سي ايس سي طرفان منظور يا تصديق ڪئي وڃي. اي ايس ايم پي جا لاڳو خرچ عبوري ادائگي سرٽيفڪيٽ ( آءِ پي سي) کان ان وقت تائين ڪاٽيا ويندا، جيستائين اُن جي تعميل نه ٿئي.